SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سندھ آرڈیننس نمبر XXXI مجریہ 2002

SINDH ORDINANCE NO.XXXI OF 2002

سندھ عام شقون (ترمیم) آرڈیننس، 2002

THE SINDH GENERAL CLAUSES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فہرست (CONTENTS)

تمہید (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ءِ شروعات
Short title and commencement

2. 1956 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ IV ۾ نئين دفعه 19_A جي شموليت
Insertion of new section 19_A in the West Pakistan Act IV of 1956

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXI مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.XXXI OF 2002

سنڌ عام شقون (ترميم) آرڊيننس، 2002
THE SINDH GENERAL CLAUSES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[18 سيپٽمبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ عام شقون ايڪٽ، 1956 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ عام شقون ايڪٽ، 1956 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ عام شقون (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

2. سنڌ عام شقون ايڪٽ، 1956 ۾ دفعہ 19 کانپوءِ، هينئين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي، يعني:

"19_A. (قاعدا ۽ حڪم وغيره شايع ڪرايا ويندا). سمورا قاعدا، نوٽيفڪيشن، حڪم، ضابطا ۽ سرڪيولرس جيڪي جوڙيل قانون سان لاڳاپيل هجن يا ڪنهن بہ حڪم سان ڏڻ جاري ڪيا ويا هجن، اهي سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ڪيا ويندا."

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي

1956 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ IV ۾ نئين دفعہ 19_A جي شموليت

Insertion of new section 19_A in the West Pakistan Act IV of 1956